# جنت جي ضمانت




شیخ طریقت متکلم اسلام
مولانا محمد الیاس گھمن حفظہ اللہ

خانقاہ حنفیہ، مرکز اہل السنۃ والجماعۃ سرگودھا

# فهرست

سچ ڳالهايو: ........................................ 4

واعدو پورو ڪيو: ................................................ 5

امانت ادا ڪريو: ................................................ 7

شرم گاهن جي حفاظت: ...................................... 8

نظرن جي حفاظت ڪريو: .................................. 10

پاڻ کي ظلم کان روڪيو:...................................... 11

خلاصو هي ٿيو ته: ........................................... 12

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الله تعالي اسان کي جيڪي عضواعطا فرمايا آهن انهن کي ڪٿي ڪڏهن ۽ ڪيئن استعمال ڪرڻوآهي؟ ان جوطريقو جناب نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم سيکار يو آهي. جيڪڏهن تعليمات نبوي جي عين مطابق انهن عضون کي استعمال ڪيووڃي ته ان تي الله جي نبي صلي الله عليه وسلم جنت جي ضمانت ڏني آهي هرمسلمان پلي اهوعملي طورتي ڪيتروئي ڪمزورهجي ۽گناه گار هجي ۽ انجي خواهش ۽ تمناهوندي آهي ته الله تعالي کيس جهنم کان بچائي ۽ جنت عطافرمائي ڪيتري قدرخوش نصيبي جي ڳالهہ آهي جواسان جي اهاخواهش پوري ٿي سگهي ٿي ۽ ان جي پوري ٿيڻ جي ضمانت به الله جي نبي صلي الله عليه وسلم پاڻ ڏين ٿا. اچوته ان جي باري ۾ هڪ حديث مبارڪ کي عمل جي جذبي سان پڙهون ٿا.

عَنْ عُبَادَةَ بْنِ الصَّامِتِ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قَالَ: قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: اِضْمَنُوْا لِيْ سِتًّا مِنْ أَنْفُسِكُمْ أَضْمَنْ لَكُمُ الْجَنَّةَ: اُصْدُقُوا إِذَا حَدَّثْتُمْ وَأَوْفُوا إِذَا وَعَدْتُّمْ وَأَدُّوْا إِذَا اؤْتُمِنْتُمْ وَاحْفَظُوْا فُرُوْجَكُمْ وَغُضُّوْا أَبْصَارَكُمْ وَكُفُّوا أَيْدِيَكُمْ.

السنن الكبرى للبيهقي، الرقم:12691

ترجمو:حضرت عباده بن صامت انصاري رضي الله عنه کان روايت آهي ته الله جي رسول صلي الله عليه وسلم فرمايو اوهان مونکي ڇهن شين جي ضمانت ڏيو ان جي بدلي ۾ مان توهان کي جنت جي ضمانت ڏيان ٿو.

1: جڏهن ڳالهايو ته سچ ڳالهايو.

2: جڏهن واعدو ڪريو ته ان کي پورو ڪريو.
3: جڏهن توهان وٽ امانت (جي طورتي ڪاشيءِ) رکي وڃي ته ان کي چڱي نموني واپس ڪريو.
4: پنهنجي شرمگاهن جي (گناهن کان)حفاظت ڪريو
5: پنهنجي نگاهن کي(ناجائزۓحرام شيون ڏسڻ کان) بچايو.
6: پنهنجي هٿن کي (يعني پاڻ کي ڪنهن تي ظلم وغيره ڪرڻ کان) روڪيو.

## سچ ڳالهايو:

پهرين شيءِجنهن جي ضمانت الله جي نبي صلي الله عليه وسلم اسان کان ورتي آهي اهاهيءَ آهي ته جڏهن ڳالها يوته سچ ڳالهايو.ڪڏهن ڪوڙنه ڳالهايو. اسلامي تعليمات ۾ سچ جي وڏي اهميت آهي سچ ڳالهائڻ اهڙي پلي صفت آهي جومذهب کان هٽي ڪري بين معاملن ۾ به ان کي قدرجي نگاه سان ڏٺوويندوآهي. جيتوڻيڪ اسان ڏسنداآهيون ته ڪاروبار۾جيڪوواپاري ۽ دڪاندار سچوۂ زبان جوپڪوهوندوآهي ماڻهون ان تي اعتماد ڪنداآهن جڄنهن جي ڪري اهو پنهنجي ڪاروبارمان خوب نفعوحاصل ڪندوآهي اهڙي طرح بياجيترا پائيواري معاملا آهن انهن ۾ سچائي پنهنجورنگ ڏيکاريندي آهي
اسلام پنهنجي مڃيندڙن کي ان صفت جي پرائڻ جي نه صرف ترغيب ڏئي ٿوڳڏوڳڏ ان کي لازمي قرار ڏئي ٿو ته هرحال ۾ان کي پرايووڃي پلي ديني معاملاهجن يادنياوي سيني ۾ سچ ڳالهائڻ کي ضروري قرار ڏئي ٿو ان ڪري جنت جي خواهش رکندڙ هرمسلمان کي الله جي نبي صلي الله عليه وسلم هيءَ تعليم ڏ.ي ٿوته

عَنْ عَبْدِ اللهِ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّ الصِّدْقَ يَهْدِى إِلَى الْبِرِّ وَإِنَّ الْبِرَّ يَهْدِى إِلَى الْجَنَّةِ وَإِنَّ الرَّجُلَ

لَيَصْدُقُ حَتَّى يُكْتَبَ صِدِّيقًا وَإِنَّ الْكَذِبَ يَهْدِي إِلَى الْفُجُورِ وَإِنَّ الْفُجُورَ يَهْدِي إِلَى النَّارِ وَإِنَّ الرَّجُلَ لَيَكْذِبُ حَتَّى يُكْتَبَ كَذَّابًا.

صحيح مسلم، باب قبح الكذب وحسن الصدق وفضله، الرقم 6803

ترجمو: حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه کان روايت آهي ته الله جي رسول صلي الله عليه وسلم فرمايو ته سچ ڳالهائڻ اهڙوعمل آهي جيڪو نيڪي جي رستي تي هلائيندوآهي ۽نيڪي واروررستوسڌوجنت ڏانهن ويندوآهي ۽ يقيني ڳالھ آهي ته ماڻهوسچ ڳالهائيندو رهندو آهي ته الله جي دربار ۾ صديق بڻجي ويندوآهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ اهڙوعمل آهي جوبرائي جي رستي تي هلائيندو آهي ۽ برائي وارو رستو سڌوجهنم ڏانهن ويندوآهي. يقينا جيڪوماڻهوڪوڙجي عادت وجهي ڇڏيندوآهي اهوڪوڙ ڳالهائيندورهندوآهي ايسيتائين جواهوالله جي دربارم ڪذاب لکيو ويندوآهي

## واعدوپوروڪيو:

ٻي شيءِ جنهن جي ضمانت الله جي نبي صلي الله عليه وسلم اسان کان ورتي آهي اها هيءَ آهي ته جڏهن ڪوواعدو ڪريوته ان ضرور پوروڪيواج جي دورم ۾ به ايفاءِ عهد کي قدرجي نگاه سان ڏٺوويندوآهي.۽واعدي خلافي کي بروسمجهيو ويندو آهي. قرآن ڪريم ان عمل کي تقوي جي نشاني قرارڏنوآهي ۽ اهڙي شخص کي الله جو محبوب قرارڏنوآهي

فَأَتِمُّوا إِلَيْهِمْ عَهْدَهُمْ إِلَى مُدَّتِهِمْ إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ الْمُتَّقِينَ.

سورة التوبة، رقم الآية:4

ترجمو: پنهنجي واعدن جي مدت کي پوروڪيو بيشڪ الله تعالي تقوي اختيار ڪندڙسان محبت ڪندوآهي ان عمل جي اهميت تي ڳالهائيندي قرآن ڪريم چئي ٿوته

وَأَوۡفُوا بِٱلۡعَهۡدِإِنَّ ٱلۡعَهۡدَ كَانَ مَسۡـُٔولًا ۔

سورۃ بنی اسرائیل، رقم الآیۃ:34

ترجمو: واعدوپوروڪيوبيشڪ واعدي جي پاسداري جي باري ۾ توهان کان پڇاڻيندي .

عَنۡ عَبۡدِ اللهِ بۡنِ عَمۡرٍو رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ قَالَ أَرۡبَعٌ مَّنۡ كُنَّ فِيهِ كَانَ مُنَافِقًا خَالِصًا وَمَنۡ كَانَتۡ فِيهِ خَصۡلَةٌ مِنۡهُنَّ كَانَتۡ فِيهِ خَصۡلَةٌ مِّنَ النِّفَاقِ حَتَّى يَدَعَهَا إِذَا اؤۡتُمِنَ خَانَ وَإِذَا حَدَّثَ كَذَبَ وَإِذَا عَاهَدَ غَدَرَ وَإِذَا خَاصَمَ فَجَرَ ۔

صحیح البخاری، باب علامۃ المنافق، الرقم:34

ترجمو: حضرت عبدالله بن عمررضي الله عنه کان روايت آهي ته الله جي رسول صلي الله عليه وسلم
فرمايو چار(عادتون ۽ صفتون ) جنهن شخص ۾ هجن اهوپڪو منافق آهي ۽ جنهن ۾ انهن صفتن منجهان هڪ صفت هجي ته ان ۾ نفاق اوتري قدرآهي ايسيتائين جوان کي ڇڏي ڏي جڏهن ان وٽ ڪاامانت رکهجي ته ان ۾ خيانت ڪري جڏهن ڳالهائي ته ڪوڙ ڳالهائي ۽جڏهن واعدو ڪري ته ان جي خلاف ورزي ڪري ۽ جڏهن جهيڙووغيره ٿي وڃي ته گار گند ڪري

عَنِ ابۡنِ عُمَرَ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا قَالَ قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَسَلَّمَ إِذَا جَمَعَ اللهُ الۡأَوَّلِينَ وَالۡآخِرِينَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ يُرۡفَعُ لِكُلِّ غَادِرٍ لِوَاءٌ فَقِيلَ هَٰذِهِ غَدۡرَةُ فُلَانِ بۡنِ فُلَانٍ ۔

صحیح مسلم، باب تحریم الغدر، الرقم:4627

ترجمو: حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه کان روايت آهي ته الله جي رسول صلي الله عليه وسلم

فرمايو ته الله تعالي قيامت جي ڏهاڙي اولين ۽ آخرين
کي جمع فرمائيندو پوءِ هر ان ماڻهو لاءِ جهنڊو کوڙيندو
جيڪو بدعهدي ڪندڙ آهي ۽ چيو ويندو هي فلاڻي پٽ فلاڻي
جي بدعهدي جو (جونشان ) آهي

## امانت اداڪريو:

ٽين شيءِ جنهن جي ضمانت الله جي نبي صلي الله
عليه وسلم اسان ڪان ورتي آهي اهاهيءَ آهي ته جڏهن
توهان وٽ ڪوشخص امانت رکرائي ته ان کي اهاشيءِ
صحيح صحيح طريقي سان موٽايو ان ۾ خيانت وغيره نه
ڪيواچ جي دورم به امانت واري کي به قدرجي نگاه سان
ڏنووينڊو آهي ۽ خيانت کي بروسمجهيووينڊوآهي.

عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عَمْرٍو رَضِيَ اللهُ عَنْهُ أَنَّ رَسُوْلَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ
وَسَلَّمَ قَالَ: أَرْبَعٌ إِذَا كُنَّ فِيْكَ فَلَا عَلَيْكَ مَا فَاتَكَ مِنَ الدُّنْيَا: حِفْظُ
أَمَانَةٍ وَصِدْقُ حَدِيثٍ وَحُسْنُ خَلِيقَةٍ وَعِفَّةٌ فِي طُعْمَةٍ.

مسند احمد، الرقم:6652

ترجمو: حضرت عبدالله بن عمرو رضی الله عنہما
کان روايت آهي ته الله جي رسول صلي الله عليه وسلم
فرمايوجڏهن چارعادتون توهان ۾ پيداٿي وڃن ته دنياجون
پريشانيون توهانجو ڪجھ به بگاڙي نه ٿيون سگهن اهي
چارعادتون هي آهن امانت داري“ صدق“حسن اخلاق“ ۽
حلال رزق.

معراج واري رات جڏهن پاڻ ڪريم صلي الله عليه
وسلم جنت ۽جهنم کي ڏٺو ان موقعي تي پاڻ ڪريم صلي
الله عليه وسلم جن کي بطور مثال جي اتان جا ماڻهو به
ڏيکارياويا جيتوڻيڪ انهيءَمعراج جي سفرجي مشاهدن
مان هڪ هي به آهي تهپاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم
جو گذراهڙي شخص جي پرسان ٿيو جنهن ڪاٺين جي

ڳري پري رکي ۽ ان ۾ ڪٽڻ جي همت ناهي پوءِ به ڪاٺيون ڳڏ ڪري پريءَ کي وڏائي رهيوآهي پڇڻ تي حضرت جبرائيل عليه السلام ٻڌايو ته هي اهوشخص آهي جيڪو صحيح طور امانت ادا ناهي ڪندو.

## شرم گاهن جي حفاظت:

چوٿي شيءِجنهن جي ضمانت الله جي رسول صلي الله عليه وسلم اسان کان ورتي آهي اهاهيءَ آهي ته توهان پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪريو يعني شرعا حرام ۽ ناجائز جڳهن تي استعمال نه ڪيوناجائز جنسي ميلاپ کان پنهنجي حفاظت ڪريوجيڪي شيون شرمگاهن جي ناجائز استعمال جوسبب آهن انهن جواجمالي ذڪرهن طرح ملي ٿو.

عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ:

لِكُلِّ بَنِي آدَمَ حَظٌّ مِنَ الزِّنَا فَالْعَيْنَانِ تَزْنِيَانِ وَزِنَاهُمَا النَّظَرُ وَالْيَدَانِ تَزْنِيَانِ وَزِنَاهُمَا الْبَطْشُ وَالرِّجْلَانِ تَزْنِيَانِ وَزِنَاهُمَا الْمَشْيُ وَالْفَمُ يَزْنِي وَزِنَاهُ الْقُبَلُ وَالْقَلْبُ يَهْوَى وَيَتَمَنَّى وَالْفَرْجُ يُصَدِّقُ ذَلِكَ أَوْ يُكَذِّبُهُ.

مسند احمد، الرقم:8526

ترجمو: حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته الله جي رسول صلي الله عليه وسلم فرمايوته هرماڻهوءَ کي زناسان ڪجھ نه ڪجھ واسطو پوندو رهندوآهي اکيون زناڪنديون آهن ۽انهن جي زنا بدنظري ڪرڻ آهي.

هٿ به زناڪنداآهن ۽ انهن جي زنا(شهوت سان شرمگاه ۽ غيرمحرم کي) جهلڻ آهي . پيربه زناڪندا آهن ۽انهن جوزنا ڪرڻ (شهوت واري جڳهن ڏانهن) هلڻ آهي وات به زناڪندوآهي ۽ ان جي زنا (غيرمحرم يا شرعا

ناجائزجڳهن کي) چمڻ آهي. دل خواهش ۽ عارزو ڪندي آهي ۽ شرمگاه ان جي ارادي کي ڪڏهن پور وڪندي آهي ۽ ڪڏهن ناهي ڪندي.

عَنْ أَبِي أُمَامَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ أَنَّ رَجُلاً أَتَى رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ: يَا رَسُولَ اللهِ، ائْذَنْ لِي فِي الزِّنَا فَصَاحَ بِهِ النَّاسُ فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: أَقِرُّوهُ فَدَنَا حَتَّى جَلَسَ بَيْنَ يَدَيْ رَسُولِ اللهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ لَهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: أَتُحِبُّهُ لِأُمِّكَ قَالَ: لاَ. قَالَ وَ كَذَلِكَ النَّاسُ لاَ يُحِبُّونَهُ لِأُمَّهَاتِهِمْ قَالَ: أَتُحِبُّهُ لِابْنَتِكَ قَالَ: لاَ. قَالَ وَ كَذَلِكَ النَّاسُ لاَ يُحِبُّونَهُ لِبَنَاتِهِمْ قَالَ: أَتُحِبُّهُ لِأُخْتِكَ قَالَ: لاَ. قَالَ وَ كَذَلِكَ النَّاسُ لاَ يُحِبُّونَهُ لِأَخَوَاتِهِمْ. فَوَضَعَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَدَهُ عَلَى صَدْرِهِ فَقَالَ: اَللَّهُمَّ كَفِّرْ ذَنْبَهُ، وَطَهِّرْ قَلْبَهُ وَحَصِّنْ فَرْجَهُ.

المعجم الکبیر للطبرانی، الرقم:7759

ترجمو: حضرت ابو امامه رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي ته هڪ شخص الله جي رسول صلي الله عليه وسلم جي مجلس ۾ حاضرٿيو ۽عرض ڪيائين ته مونکي زناجي اجازت ڏيو ان جي ڳالھ ٻڌي ماڻهوڪاوڙجي پياپاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم ماڻهن کي فرمايوته ان کي منهنجي ويجهوآڻيو اهو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي سامهون ويهي رهيونبي ڪريم صلي الله عليه وسلم ان کي فرمايوته چاتوکي اها ڳالھ پسند آهي ته تنهنجي ماء سان اهوئي سلوڪ ڪيووڃي ؟ ان وراڻيو نه پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم فريو ته بياماڻهون به ان ڳالھ کي پسند نه ٿا ڪن ته انهن جي ماء سان زناڪئي وڃي پوءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو چاتون پنهنجي ڌيءَ لاءِ اهو پسندڪرين ٿو ته ڪوان سان زناڪري ان چيو نه

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو ته پياماڻهوبه ان ڳالھ ڪي پسند نه ٿاڪن ته انهن جي ڌيئرن سان زناڪئي وڃي ان ڪان پوءِ پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو ته چاتون پنهنجي پيڻ لاءِ اهو پسند ڪرين ٿوته ڪوان سان زنا ڪري ان چيو نه پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو ته پياماڻهون به ان ڳالھ ڪي پسند نٿاڪن ته انهن جي پينرن سان زناڪئي وڃي رسول الله صلي الله عليه وسلم ان جي سيني تي پنهنجو هٿ مبارڪ رکيوۤ هيءَدعاڪئي اي الله هن جاگناه مٿاءِ ان جي دل کي پاڪ ڪرۤان جي عزت محفوظ فرماءِ

## نظرن جي حفاظت ڪريو:

پنجين شيءِ جنهن جي ضمانت الله جي نبي صلي الله عليه وسلم اسان کان ورتي آهي اهاهيءَآهي ته پنهنجي نظرن جي حفاظت ڪريو.غيرمحرم ۽ اجنبي عورتون ۽ تمام ناجائزنظارا نه ڏسوان سان فحاشي عرياني ۽بي حيائي پکڙجندي آهي قرآن ڪريم اهو ناهي چيوته توهان زنانه ڪريو پران کي بي حيائي ۽تمام برورستوقرارڏئي ان جي ويجهو وڃڻ کان به جهلي ڇڏيوآهي .يعني تمام اهڙين ڳالهين کان پاڻ کي بچائڻ جو حڪم ڏنوجن جي ڪري انسان زناجهڙي لعنت ۾ گرفتارٿي سگهي ٿو.يعني نامحرم سان بي حجاباڻي ڳالھ بولھ اڪيلائ بوس وڪناروغيره عام طوربدنظري کان شروع ٿيڻ وارو سفر بدڪاري تي وڃي پوروٿيندوآهي.

معراج واري رات جڏهن پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جنت ۽ جهنم جو مشاهدو ڪيوان موقعي تي پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جن کي بطور مثال اتان جا ماڻهو به ڏيکارياوياجڏهن ته انهي معراج جي سفرجي مشاهدن منجهان هڪ هيءُ به آهي ته پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم جوگذراهڙن ماڻهن وٽان به ٿيو جنهن جي

سامهون هڪ ديڳڙيءَ ۾ رڌل گوشت هيوءِ هڪ ديڳڙي ءَ ۾ ڪچوءِ سڙيل گوشت رکيل آهي اهي ماڻهوسڙيل گوشت کائي رهياآهن ۽ رڌل گوشت نٿاکائين. پڇاڪيائون ته هي ڪهڙا ماڻهوآهن ؟ حضرت جبرائيل عليه السلام چيوته هي اهي ماڻوآهن جن وٽ حلال عورت موجودآهي پراهي زانيه ۽ فاحشه عورت سان رات گذاريندا‌آهن صبح تائين ان سان گڏ رهندا‌آهن .۽ هي اهي عورتون آهن جيڪي مڙس کي ڇڏي ڪنهن زاني ۽بدڪارشخص سان رات گذاريندي‌ون آهن

## پاڻ کی ظلم کان روڪيو:

چهين شيءِجنهن جي ضمانت الله جي نبي صلي الله عليه وسلم اسان کان ورتي آهي اهاهيءَآهي ته ڪنهن تي ظلم نه ڪريوعام طورتي چوته ظلم هتڻ سان ٿيندوآهيان ڪري حديث مبارڪ ۾ هٿن کي روڪڻ جو حڪم ڏنوويو آهي-

عَنِ ابْنِ شِهَابٍ أَنَّ سَالِمًا أَخْبَرَهُ أَنَّ عَبْدَ اللَّهِ بْنَ عُمَرَ رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا، أَخْبَرَهُ: أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ:اَلْمُسْلِمُ أَخُو الْمُسْلِمِ لاَ يَظْلِمُهُ وَلاَ يُسْلِمُهُ وَمَنْ كَانَ فِي حَاجَةِ أَخِيهِ كَانَ اللهُ فِي حَاجَتِهِ وَمَنْ فَرَّجَ عَنْ مُسْلِمٍ كُرْبَةً فَرَّجَ اللهُ عَنْهُ كُرْبَةً مِنْ كُرُبَاتِ يَوْمِ الْقِيَامَةِ وَمَنْ سَتَرَ مُسْلِمًا سَتَرَهُ اللهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ۔

صحیح البخاری، باب لا یظلم المسلم المسلم ولا یسلمہ، الرقم:2442

ترجمو: حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ته الله جي رسول صلي الله عليه وسلم فرمايو: مسلمان مسلمان جوڀاءُ آهي نه ان تي ظلم زيادتي ڪندوآهي نه ان کي ٻين جي حوالي ڪندوآهي .جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي ضرورت پوري ڪرڻ ۾ لڳل

هوندوآهي الله پاڪ ان جون ضرورتون پوريون فرمائيندو آهي. ۽جيڪوڪنهن مسلمان جي مصيبت دورڪندوآهي الله پاڪ ان کان قيامت جي ڏينهن جون مصيبتون دورفرمائيندو.۽ جيڪو ڪنهن مسلمان جي پرده پوشي ڪندوآهي الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي پرده پوشي فرمائيندو.

## خلاصوهي ٿيوته:

اسان کان جن شين جي ضمانت الله جي نبي صلي الله عليه وسلم ورتي آهي جيڪڏهن اسان واقعتاانهن جي ضمانت ڏئي ڇڏيون يعني انهن جي پابندي ڪريون ته يقين ڪيوته الله جي نبي صلي الله عليه وسلم جنهن شيءِ جي ضمانت ڏني آهي اهاضرورملندي.۽ اهاشيءِ جنت آهي. ۽ اهائي هرمسلمان جي خواهش ۽ تمنا آهي .

الله تعالي اسان کي اهي سڀ عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي جن جي اسان کان الله جونبي صلي الله عليه وسلم ضمانت ونڻ چاهي ٿو۽ پنهنجي ڪرم سان اسان کي اهو عطافرمائي جنهن جي سندس نبي صلي الله عليه وسلم ضمانت ڏني آهي.

آمين بجاه النبی الکريم صلی الله عليہ وسلم

والسلام

محمد ضياس

حال مقيم:مکہ مکرمہ،سعودی عرب

جمعرات،9جنوری،2020ء

# درج ذیل کتب زیر مطالعہ رہیں

- صحیح البخاری
- صحیح مسلم
- مسند احمد
- المعجم الکبیر للطبرانی
- السنن الکبری للبیہقی
- معارف وحکم